# معصوم اِلتجا

اڄ مون پنهنجي موهنيءَ کي لپاٽون هنيون آهن، هن جا ڳل لال ٿي ويا، رڙيون ڪري رنائين. سڄي ٻاڙي ڏنو. سيڻي سنڌين ڏنو. هڪ ٻار اسڪول وڃڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. اسڪول جي بس آئي. منهنجي جگر جي ٽڪر کي روئندو ٻاڏائيندو ڪٺي وٺي ۽ ماڻ ٻاري هردو ڪٺي پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ دک جي وڏي ساگر ۾ ٻڏي رهي آهيان. موهني هيئر اسڪول ۾ هوندي، اتي سنڌس قد کان وڏا بينچ آهن ۽ مان اکين سان ڏسي آئي آهيان. ننڍڙي موهنيءَ، ڇهن ورهين جي موهنيءَ جي دل جيڏو ننڍڙو ڪلاس آهي. ننڍا وڏا ٻار بي ترتيب ويٺا آهن. ڪنهن وقت ماستر ڪلاس ۾ ناهي ته ڪيترا ئي ٻار روئن پيا، ڏڪهن پيا، ڦٽڪن پيا. وڏا ٻار ننڍين ٻارن کي ماريو وڃن. منهنجي دل ان ماليءَ جي دل جيان ڇرجي رهي آهي جو پنهنجي ننڍڙي ٻوٽي کي، ڪشالن سان هٿ ڪيل ٻوٽي کي خراب زمين ۾ ڏسي رهيو هجي.

ڪوئي ڇوندو ٻوه خراب زمين ۾ پنهنجي ٻوٽي کي ڇو ٿو ٻوکين، پر مان ڇا ڪريان؟ پلا اها ٿي واريءَ ڳاڏڙ زمين ته پنهنجي زمين آهي. مون کي ان سان

اميءَ جي هٿ کي پنهنجن ننڍڙن هٿن سان زور ڏيئي ڇڏيو هوم، "آلا!" پر اڄ .... مون موهنيءَ کي ڏڪي ڏڪي اسڪول موڪليو آهي ۽ هن ٻاڏائي پئي ڇڏيو، "مان پينگهن ۽ باغن واري اسڪول ۾ ويندس. مون کي نئون اسڪول ٺهرائي ڏي نه آمي!"

ڳل ته منهنجي به آهي، پر ان کي ڳل به ڪيئن چوان؟ سچ ته اها ڪنهن لحاظ کان ڳل نه به آهي. موهني اڃا ڇهن سالن جي هئي، ڪجهه سمجهه جهڙي مس ٿي هئي، جو مون کان آکاڻيون ٻڌڻ لڳي. هڪ آکاڻي ٻڌايانس ته چوي، "ٻي ٻڌاءِ." ٻي ٻڌايانس ته چوي، "ٽين ٻڌاءِ." ڪڪ ٿي چوانس، "موهني! تون پاڻهي نٿي آکاڻيون پڙهين؟ هيڏا ڍڪ ڪتابن جا ته رکيا آهن. مون کي ته روٽي به ٺاهڻي آهي، ڪپڙا به سبڻا آهن، گهر به سهيڙڻو آهي."

"ڀلا اسڪول ۾ ڇو نه ٿي موڪلين ته مان پڙهي سکي اچان؟"

"ڳل، تون اڃا سال ٻه ننڍي آهين. وڏي ٿيءَ ته پوءِ اسڪول موڪليندسانءِ." ان ڏينهن کان وٺي هوءَ اسڪول ۾ ويندڙ ٻارن کي ڏسي دريءَ جي شيشن وٽ بيٺي وات تي آڱر رکي روز پڇندي هئي، "آمي، مان اڃا وڏي ڪون ٿي آهيان؟" جنهن ڏينهن مون چيو، "ها، موهني اڄ تون ڇهن سالن جي ٿي آهين." تنهن ڏينهن مون کي خبر آهي ته هوءَ ڪيڏو نه خوش ٿي

هٿي. منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي زور سان ڀاڪي پائي چوائين، ”آسي، هاڻي سان سڀ آکاڻيون پڙهي سگهندين نه؟ ڳاڙيءَ واري آکاڻي، ڏيڏريءَ واري آکاڻي، ڳل هٿ نه لاءِ، ڳل پير نه لاءِ ۽ ها آسي، چِل سيرا مٽڪا ٽمڪڻ ٽوءُ واري آکاڻي سڀ پڙهي سگهندين.“

ٻالڪيءَ ٻوڏ ۾ ٻرجي منهنجو منهن چمي ورتو. موٽ ڪيس ٽنگن تي وهاري ڳلڪواڙي ڪرائي چيو، ”ڳلڪواڙي، مکڻ ڦولڙي، ناناڻي ويندي ڪين ڏاڏاڻي؟“

”نه آسي، ٻچ اسڪول ويندينءَ؟“

”ڇڏو اسڪول ويندينءَ، ڪين گهر ۾ وهندينءَ؟“

”اسڪول....“ هن موٽڻ جهڙن ننڍڙن ڏندن سان کليو. ڳلن ۾ ننڍڙيون کڏڙيون پئجي ويون. هاءِ، ڪهڙو نه منڙو مهانڊو! اسڪول جو ٻڌي ڪيئن ٽپي ٽري! مون کيس چمي ڏئي چيو، ”اسڪول ۾ باغ، اسڪول ۾ پينگهون، اسڪول ۾ منڙي دادي.“

موهنيءَ منهنجي ٽنگن تي لڏندي، ڪلي ڪلي چيو، ”داديءَ جي شادي.“

دل ۾ چيم، ”هيءَ منڙي ٻالڪي ته شاعرا ٿيندي شاعرا!“ ٽنگن تي جهنجهلائيندي چيائين، ”ٻڌاءِ آسي ٻيو ڇا هوندو اسڪول ۾؟“

”ها تنهنجي دادي ڪندي شادي، ان کي ڇمندي ٽيءَ. اما اپناي ٻڙهن، توکي ملندي ساهيڙي.“

ڪنهن ننڍڙي گهر کي ٺي صاف سانت ۽ ڪلا سان سينگاري.

مون موهنيءَ جي مٿي تي پيار جو هٿ ڦيرايو ته هوءَ پنهنجي خواب مان سجاڳ ٿي پيئي. ”آسي! اسڪول اسان جي گهر کان ڪيترو وڏو هوندو؟“

”ها گل! تمام وڏو هوندو.“ مان تڪڙ ۾ ڪيس ڪاڍو ڪارائي اسڪول وٺي ويس. ان ڏينهن ته هن رنو ڪين. خوشيءَ ۾ ٽپي پوري هئي. وڏي بينچ تي ويهي رهي. ڪلاس جي ڪوٺي، منهنجي گهر جي ڪمري کان به ننڍڙي هئي. هڪ پٽ ۾ پرگهه، جهڙيون ٿانئل، بنا سيخن دريون هيون. ان مهل به هڪ ڇوڪري دريءَ تي چڙهي ويٺي هئي. جنهن کي هيٺ بزار ۾ ڪرڻ جو ڊپ ڏيئي لاهي بينچ تي وهاري آئي هئس. ڪي ٻار ڏڄهي روئي رهيا هئا. وڏا ٻار کين چيڙائي رهيا هئا. ٻارن جي راندين لاءِ ڪوٺي ميدان ڪين هو. ڪلاسن کان ٻاهر لنگهڻ جي جڳهه، به بلڪل سوڙهي هئي، جتان رسيس مهل ٻار هڪٻئي سان ٽڪرجي ٿي لنگهيا. گس گساهه ۾ هڪ ٻار جو ٽيلهو ڪري پيو، سليٽ ڀڄي پيئي ۽ ٻه ٻار هڪٻئي جي ڪالرن ۾ هٿ وجهي اٽڪي پيا. هڪٻئي کي ڏونشا هنيائون، رهنديا پاٽائون. هڪ ماستر جو اتان لنگهي رهيو هو، ان کي هي ننڍڙا سان، اچانڪ ڏونو هڻي ويٺا ۽ ماستر پر ڪري ٻه چماٽون وهائي ٻنهي کي جدا ڪري ڇڏيو.

سوڻ سوچيو، "ڪيئن ڏينهن موهنيءَ جي به هن طرح
سلامت پيچي سگهي ٿي ۽ موهنيءَ کي به هن طرح ڪنهن
ٿي چمات ڇهي سگهي ٿي، پوءِ موهنيءَ جي معصوم
دل جو ڪنول ڀلا ڪيئن کلي سگهندو؟ آخر سنڌي
اسڪول هيڙا ڇو آهن؟"

اوڏيءَ مهل ته ٻالڪيءَ کي نئين اسڪول جي
آتساه ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪين آيو، پر سچ به ڪڏهن
تريءَ هيٺان لڪي سگهيو آهي؟ موهني جڏهن اسڪول
مان موٽي، تڏهن سندس چال ڍلي هئي، منهن تي
رونق ڪين هئس. تڏو وڃائي مات ميٽ ۾ اچي نئين
سليٽ تي ڪجهه ڪجهه لکڻ وئي. سوڻ کيس پاڪي
پاڻي ڇيو، "گل، اسڪول مان ٿي آئينءَ؟" هوءَ
منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي اچي ڏوراپن ۾ چٽڪي،
"ها اسڪول ۾ باغ به ڪونهي، پينگهون به ڪونهن....
ننڍڙو ته اسڪول آهي. منهنجي ساهيڙيءَ 'لاج' جو
ڪيڏو نه وڏو آهي!"

"گل، اهو ته انگريزي اسڪول آهي."

"مان به ان ۾ پڙهندس."

ٻئي ڏينهن تي مان موهنيءَ کي انگريزي اسڪول
۾ وٺي ويس. ڇوڪري ننڍا ننڍا ٻار ڳائي رهيا هئا:

"جئڪ آئنڊ جل، وينٽ اپ دَ هل
ٻابا، بلئڪ شيپ، هئو يو اهني وول،"

هڪ ٻار ڪرائيءَ سان اچي موهنيءَ کي چيو،

”پسي ڪنهن، پسي ڪنهن، ونئر هڻو ٿو ٻڙ!؟“

منهنجي موهنيءَ ڪجهه ڪين سمجهيو ۽ روئڻهارڪي ٿي وئي. هسپل نگاهن سان سڀني ٻارن کي ڏسندي رهي. مون کي اوچتو احساس ٿيو ته انهن وڏن باغن بوستانن ۽ هوادار ڪمرن واري شاهي اسڪول ۾ منهنجي موهنيءَ کي ٿاڻي واري جا آتما آهي، سا بلڪل ڌاري آهي. جيئن غريب ماڻهو پنهنجي غربت ڏسي ڪنهن شاهوڪار بي اولاد کي پنهنجو ٻار ڏئي ته چاهيندي آهي ۽ عين ڏيڻ جي موقعي تي سندس ممتا جاڳي اٿندي آهي ۽ ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي ڊڪندي پڇندي پنهنجي غريباڻي اجهي ۾ وڃي اکين سان ڳوڙها ڳاري ٻار کي هزار بار چمي وٺندي آهي، تيئن مان به پنهنجي موهنيءَ کي انگريزي اسڪول جي ڌاري ماڻ ڪان ڇني، ڳلن ۾ ٿن جو موهه ڇڏي، پنهنجي سنڌي اسڪول ۾ وٺي آيس....“

اڄ هن کي زوريءَ سنڌي اسڪول ۾ موڪليو اٿم. هيئر هوءَ پنهنجي سوڙهي ڪلاس جي ڪنهن وڏيءَ بينچ تي ويٺي هوندي. سندس ڳلن تي اڃا به ڳوڙها چمڪندا هوندا. ننڍڙي ڇاتيءَ اندر اڃا به هڪ سڏڪو دٻيل هوندو، ۽ چوگرد ننڍن ٻارن کي، پنهنجي سنڌي ۾ چوندو ٻڌو هوندائين:

”ڏهه ننڍيون جهرڪيون ٽپ ٽپيون ٿيون ٽڪ، هڪڙي
اُن تي مڙي ويٺي، باقي بچيون نوَ....“

"جيڪو ڪير ٻڌي سو وڃي ٽڪي...."

"آئي آئي آما، بدڪ ٿي وڃان. بدڪ جا ٻچا، ڏسيو پيئي ڏسان. ٻچو پيئي ٻچان...."

شايد موهني ته به پنهنجي سڄي ٽاهي ڇپو هوندو، "بدڪ جا ٻچا ڏسيو پيئي ڪالان."

هوءَ ڪلي پيئي هوندي. سندس ڳلن تي ڪرڻ ڳوڙهن وٽ ڪڏڙيون ٺهي پيئون هونديون. ڪيس ته شايد منهنجي لپاٽ به وسري وئي هوندي.... پر مان سندس معصوم التجا کي ڪيئن ٻلجي سگهندس، "امي مون کي ٽون اسڪول ٺهرائي ڏي!"